# سون جو آنو

سنڌي



پيشڪش: مجلس المدينة العلميه (دعوت اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊپارٽمينٽ (دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنْ شَآءَاللہ جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَا الْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص ٤٠ دار الفكر بيروت)



طالب غم مدينه بقيع و مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**


رسالي جو نالون: سون جو آنو

ڇاپو پهريون: ربيع الثاني 1442هه، ڊسمبر2020ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه بابُ المدينه ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي به هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


**ڪتاب خريد ڪندڙ توجهه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن ته مڪتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

شيخ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامه

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

جو اُردو زبان ۾ رسالو

# سون جو آنو

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاھ ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

# فهرست

## سون جو آنو


دعاءِ عطار .................................................. 1
درود شريف جي فضيلت.......................................... 1
سون جو آنو.................................................... 1
حرص ڇا کي چئبو آهي؟ ......................................... 5
لالچ ۾ هلاڪت آهي .......................................... 5
اسان حرص کان ڪئين بچي سگهون ................................. 5
ٻہ شيون جوان رهنديون آهن ..................................... 6
حرص جون ٽي قسمون ............................................ 7
هڪ عجيب ۽ غريب قوم ......................................... 10
اسان جي حالتِ زار ............................................. 11
نيڪين جو حرص وڌائڻ جو طريقو.................................. 12
عبادت جو اعلي مثال.......................................... 13
حرص جو علاج ................................................ 13
قناعت جي لغوي معنيٰ.......................................... 14
قناعت جون ٻہ تعريفون آهن ..................................... 15
”قناعت“ جي پنج اکرن جي نسبت سان .............................. 15
هڪ مانيءَ تي گذارو............................................ 16
قناعت جو حُصُول................................................ 16
حرص جو هڪ ٻيو علاج........................................... 17
صرف قبر جي مٽي ئي سان پيٽ ڀربو................................ 17
ڪنهن جامحتاج نہ ٿيو ........................................... 18
اقوال.......................................................... 19

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# سون جو آنو

## دعاءِ عطار

ياالله پاڪ! جيڪو 17 صفحن جو رسالو ”سون جو آنو“ پڙهي يا ٻڌي وٺي اُن کي جنّت الفردوس ۾ بي حساب داخل ڪر ۽ پنهنجي پياري حبيب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙيسري بڻاءِ.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: قيامت جي ڏينهن ماڻهن ۾ منهنجي تمام ويجهو اِهو شخص هوندو، جنهن مون تي گهڻي کان گهڻو درودِ پاڪ پڙهيو هوندو. (ترمذي ج2 ص 27 حديث:484، دارالفڪر بيروت)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## سون جو آنو

ڪنهن گهر ۾ هڪ عجيب ناگڻ (Female cobra) رهندي هئي جيڪا روزانو سون جو آنو (Golden Egg) ڏيندي هئي. گهر جو مالڪ مفت جي دولت ملڻ تي ڏاڍو خوش هو. اُن گهروارن کي تاڪيد ڪئي هئي ته اهي ناگڻ بابت ڪنهن کان به ڳالهه نه ڪن. ڪيئي مهينن تائين اهو سلسلو ائين ئي هلندو رهيو. هڪ ڏينهن ناگڻ سنڌن ٻڪري کي

ڏنگي (Bite) وڌو ۽ ڏسندي ئي ڏسندي ٻڪري مري وئي. گهر وارن کي ڏاڍي ڪاوڙ (Anger) لڳي ۽ اهي ناڳڻ کي ڳولڻ لڳا ته جيئن ان کي ماري سگهن پر ان شخص اِهو چئي گهر جي ڀاتين کي خاموش ڪرائي ڇڏيو ته”اسان کي ناڳڻ کان ملڻ وارو سونو آنو ٻڪري جي قيمت کان ڪيئي ڀيرا وڌيڪ آهي، تنهنڪري پريشان ٿيڻ جي ڪا ضرورت ناهي.“ ڪجهه عرصي کان پوءِ ناڳڻ انهن جي ڏاريل گڏهه (Pet donkey) کي ڏنگي وِڌو ۽ اهو به جهٽ ۾ مري ويو. اهو لالچي شخص گهٻرائجي ويو پر ٿوري ئي دير ۾ ٻيهر لالچ جي نشي ۾ اچي چوڻ لڳو: ”ان اڄ اسان جو ٻيو جانور ماري وڌو، خير ڪا ڳالهه ڪونهي، ان ڪنهن انسان کي ته نقصان ڪونهي پهچايو.“ گهر وارا چُپ رهيا. ان کان پوءِ ٻن سالن تائين ناڳڻ ڪنهن کي ڪونه ڏنگيو، گهر وارن جي ذهنن مان جانورن جي مرڻ جو خيال نڪري ويو. اوچتو هڪ ڏينهن وري ناڳڻ ڪين غلام کي ڏنگي وڌو. ان ويچاري مدد جي لاءِ مالڪ کي پڪاريو، پر ان کان پهريان جو مالڪ ان تائين پهچي ها، زهر پنهنجو اثر ڏيکاري چڪو هو، زهر (Poison) جي سبب غلام اُتي ئي مري ويو. هاڻي اهو لالچي (Greedy) شخص پريشان ٿي چوڻ لڳو: ”ان ناڳڻ جو زهر ته تمام **خَطرناڪ** آهي، ان جنهن جنهن کي ڏنگيو اهو يڪدم مري ويو، ڪٿي اها منهنجي گهر ڀاتين مان ڪنهن کي ڏنگي نه وجهي.“ اهو ڪيترائي ڏينهن انهيءَ پريشاني ۾ رهيو، پر سُونِي آني جي چمڪاٽ ڪٿي ٿي رهڻ ڏنو، هڪ ڀيرو ٻيهر ان پنهنجي اکين تي لالچ جي پٽي ٻڌي اِهو سوچي چُپ ٿي ويو ته”جيتوڻيڪ ناڳڻ جي ڪري اسان کي نقصان ٿي رهيو آهي پر سُونا آنا به ته ملن پيا.“

ٿورن ئي ڏينهن کان پوءِ ناگڻ سندس پٽ کي ڏنگي وِڌو. يڪدم ڊاڪٽر کي گهرايو ويو پر ڊاڪٽر به ڪجهه نه ڪري سگهيو ۽ ڪيس پٽ تڙپي تڙپي مري ويو. جوان پٽ جي موت جو صدمو زال مڙس تي **ڪنوڻ** بڻجي ڪِريو ۽ اهو شخص ڪاوڙ ۾ اچي چوڻ لڳو: ”هاڻي مان ان ناگڻ کي زنده ڪونه ڇڏيندس.“ پر اها ڪين هٿ ڪانه آئي. جڏهن ڪافي عرصو گذريو ته سونو آنو نه ملڻ جي ڪري ان جي لالچي مزاج ۾ بي چيني ٿيڻ لڳي، جيئن ته ٻئي زال مڙس ناگڻ جي ٻِر وٽ آيا، اتي جي صفائي سترائي ڪئي ۽ ڏوٽي دُکائي خوشبو مهڪائي، (جڻ ته ناگڻ کي **پرچائڻ جو** پيغام ڏنو.) حيرت انگيز طور تي اها واپس موٽي آئي ۽ انهن کي ٻيهر سونو آنو ملڻ لڳو. مال و دولت جي هَوَس انهن کي انڌو ڪري ڇڏيو هو ۽ اهي پنهنجي پٽ ۽ غلام جي موت کي به ويساري وينا. هڪ ڏينهن ناگڻ ڪين گهر واريءَ کي سُتي پَئي ڏنگي وڌو، ٿوري ئي دير ۾ اها به مري وئي. هاڻي لالچي شخص اڪيلو رهجي ويو ته ان ناگڻ واري ڳالهه پنهنجي يائرن ۽ دوستن سان ڪئي. سيني مشورو ڏنو ته: ”تو تمام وڏي غلطي ڪئي آهي، اجان به وقت اٿئي سنڀلجي وڃ ۽ جيترو جلدي ٿي سگهي ان خطرناڪ ناگڻ کي ماري ڇڏ.“ پنهنجي گهر اچي اهو شخص ناگڻ کي مارڻ جي لاءِ موقعو تلاش ڪرڻ لڳو. اوچتو ان کي ناگڻ جي ٻِر جي پرسان هڪ قيمتي موتي نظر آيو جنهن کي ڏسي اهو لالچي خوش ٿي ويو. دولت جي هَوَس ان کان سڀ ڪجهه وسارائي ڇڏيو، اهو پنهنجو پاڻ کي چوڻ لڳو: ”وقت طبيعت کي تبديل ڪري ڇڏيندو آهي، ٿي سگهي ٿو اُن ناگڻ جي طبيعت به مَٽجي وئي هجي، جيئن اها سون جي آنن بدران هاڻي موتي ڏيڻ

لڳي آهي، انهيءَ طرح ان جو زهر به ختم ٿي ويو هجي، ته پوءِ هاٿي مونکي ان مان ڪو خطرو ناهي.“ اِهو سوچي ان ناڳڻ کي مارڻ جو ارادو ختم ڪري ڇڏيو. روزانو هڪ قيمتي موتي ملڻ تي اهو لالچي خوشي سان رهڻ لڳو ۽ ناڳڻ جو پراڻو فريب وساري وينو. هڪ ڏينهن ان سڄو سون ۽ موتي ٿانوَ ۾ وڌو ۽ ان تي مٿو رکي سمهي پيو. انهيءَ رات ناڳڻ ان کي به ڏنگي وڌو. جڏهن اُن جون رڙيون بلند ٿيون ته اوڙي پاڙي جا ماڻهو اُتي اچي پهتا ۽ ان کي چوڻ لڳا: ”تو ان کي مارڻ ۾ سستي ڪئي ۽ لالچ ۾ اچي پنهنجي جان به وڃائي وينين!“ لالچي شخص شرم وچان ڪجهه نه ڳالهائي سگهيو، ان سون سان ڀريل ٿالهه پنهنجي رشتيدارن ۽ دوستن کي ڏيندي نهايت حسرت وچان چيو: ”اڄ کان وٺي منهنجي نزديڪ هن مال جي ڪا حيثيت ناهي، ڇوته هاٿي اِهو ٻين جو ٿي ويندو ۽ مان هتين خالي هن دنيا مان هليو ويندس.“ ۽ پوءِ ٿوري ئي دير ۾ اهو فوت ٿي ويو (عيون الحكايات ص 934، ملخصاً، دارالکتب العلميه بيروت)

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** ڏٺو اوهان ته مال و دولت جي لالچ آباد گهر کي ڪيئن برباد ڪري ڇڏيو! حريص جي نگاهه محدود (Limited) هوندي آهي جيڪو صرف وقتي فائدو ڏسندي آهي جنهن جي ڪري اهو صحيح فيصلا ڪرڻ ۾ ناڪام رهندو آهي جيئن ته هن حڪايت ۾ لالچي شخص کي دولت جي نشي ايترو ته مدهوش (Intoxicate) ڪري ڇڏيو جو پٽ ۽ گهر واري جي موت به ان کي هوش ۾ نه آندو، ۽ آخرڪار پاڻ به موت جو شڪار ٿي ويو.

ديکھے ہیں یہ دن اپنی ہی غفلت کی بدولت　　سچ ہے کہ بُرے کام کا انجام بُرا ہے

## حرص ڇا کي چئبو آهي؟

”خواهشات جي زيادتي جي ارادي جو نالو حِرص آهي ۽ برو حِرَص اهو آهي تہ پنهنجو حِصُّو حاصل ڪرڻ جي باوجود ٻي جي حصّي ۾ لالچ رکي. يا ڪنهن شيءِ سان دل نہ ڀرجڻ ۽ هميشہ زيادتي جي خواهش رکڻ کي حرص، ۽ حرص رکڻ واري کي حَرِيْص چوندا آهن.“ (مرقاة ج 9ص 119، تحت الباب2، دارالفكر بيروت،مرأة المناجيح ج7ص 86 مفصلاً، ضياءُ القرآن پبليڪيشنز لاهور)

نبي پاڪ صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: بدتر آهي اهو شخص جنهن جو پيشوا حرص هجي، بدتر آهي اهو ٻانهو جنهن کي خواهشون حق واري واٽ کان ڀٽڪائي ڇڏين، بدتر آهي اهو ٻانهو جنهن جو شوق ۽ رغبت اُن کي ذليل و خوار ڪري. (ترمذي ج4ص 302، حديث:6542)

## لالچ ۾ هلاڪت آهي

جنّتي صحابي حضرت ابو ذر غفاري رَضِیَ اللہُ عَنْہُ هڪ ڀيرو نصيحت ڪندي وڏي آواز سان فرمايو: انسانو! لالچ (کان بچو جو هن) ۾ توهان جي لاءِ هلاڪت آهي، ڇوتہ اها ڪڏهن بہ ختم ناهي ٿيندي ۽ نہ توهان لالچ کي پورو ڪري سگهو ٿا. (صفة الصفوف ج 1 ص 103 الرقم 46، دارالكتب العلميه بيروت)

## اسان حرص کان ڪيئن بچي سگهون

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! لالچ اهڙي شيءِ آهي جو ڪير ٻيڪ ٻار هجي يا نوجوان، 100 سال جو پوڙهو هجي يا عورت، آفيسر هجي يا مزدور، غريب هجي يا امير هن کان بچڻ تمام مشڪل آهي، اها الڳ ڳالهہ آهي تہ ڪنهن کي آخرت جي ثواب جي لالچ هوندي آهي تہ ڪنهن کي مال و دولت جي، ڪنهن کي عزت و شهرت جي ۽

ڪنهن کي سيني ۾ نمايان نظر اچڻ جي! مطلب ته لالچ ڪنهن نه ڪنهن انداز سان اسان جي اندر موجود هوندي آهي.

الله پاڪ قرآنِ مجيد جي سوره نساء جي آيت 128 ۾ ارشاد فرمائي ٿو: وَ اُحْضِرَتِ الْاَنْفُسُ الشُّحَّ **ترجمو ڪنزالايمان:** ۽ دليون لالچ جي ڦندي ۾ آهن.

”تفسيرِ خازن“ ۾ هن آيت جي حوالي سان لکيل آهي: **لالچ** (greed) دل جو لازمي حصو آهي، ڇوته اها انهي طرح بنائي وئي آهي. (تفسير خازن ج 1 ص 734، مصر)

## ٻه شيون جوان رهنديون آهن

الله پاڪ جي آخري نبي صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: انسان پوڙهو ٿي ويندو آهي ۽ ان جون ٻه شيون جوان رهنديون آهن: مال جي لالچ ۽ عمر جو حرص. (مسلم ص 521، حديث: دار ابن حزم بيروت)

حضرت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هن حديثِ پاڪ جي شرح ۾ فرمائن ٿا: هتي عام دنيادار انسان مراد آهي جيڪو پوڙهائپ ۾ ٻه لالچي رهندو آهي، ڪجهه الله جا ٻانها جواني ۾ ٻه حريص ناهن هوندا اهي هن حڪم کان جدا آهن پر اهڙا خوشنصيب ٻانها تمام ٿورا آهن، عام طور ته اهو ئي حال آهي جيڪو هتي بيان ٿيو. عام طور پوڙها ماڻهو مال جمع ڪرڻ، مال وڌائڻ ۾ گهڻو مشغول هوندا آهن. هميشه وڏي ڄمار جون دعائون ڪرائيندا آهن، جيڪڏهن ڪوئي انهن کي پاراتو ڏي ته وڙهندا آهن، اها آهي مال ۽ عمر جي محبت. **لالچي جي دل يا قناعت سان پرجندي آهي يا قبر جي مٽي سان.** (مراۃ ج 7 ص 88)

## حرص جون ٽي قسمون

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! عام طور تي اهو ئي سمجهيو ويندو آهي تہ حِرص جو تعلق صِرف”**مال و دولت**“ سان آهي، حالانڪ ائين ناهي، ڇوتہ حرص تہ ڪنهن شيءِ جي وڌيڪ خواهش ڪرڻ جو نالو آهي ۽ اها شيءِ ڪهڙي بہ ٿي سگهي ٿي، چاهي مال هجي يا ٻيو ڪجهہ! بهرحال وڌيڪ مال جي خواهش رکڻ واري کي ”**مال جو حريص**“ چوندا آهن، وڌيڪ ڪائڻ جي خواهش رکڻ واري کي”**ڪائڻ جو حريص**“ چيو ويندو ۽ نيڪين ۾ اضافي جي تَمَنَّا ڪرڻ واري کي”**نيڪين جو حريص**“ جڏهن تہ گهڻا گناهہ ڪرڻ واري کي”**گناهن جو حريص**“ چوندا آهن. هر حرص بُرو ناهي هوندو، بنيادي طور تي حرص جون ٽي قسمون آهن.

(1) ڇڱو حرص (2) برو حرص. (3) مباح حرص

(1) **ڇڱو حرص:** رضاءِ الٰهي جي لاءِ ڪيا ويندڙ نيڪ اعمال اِنْ شَآءَاللّٰه انسان کي جنّت ۾ وٺي ويندا، تنهنڪري **نيڪين جو حرص محمود** (يعني پسنديده) هوندو آهي. مثال طور فرض نماز سان گڏ نوافل جو حرص، فرض روزن سان گڏ نفلي روزن جي ڪثرت جو حرص، زڪوٰة سان گڏوگڏ نفلي صدقو و خيرات راهِ خدا ۾ ڏيڻ جو حرص، تلاوت، ذڪراللّٰه، درودِ پاڪ وغيره نيڪيون ڪرڻ جو حرص ڇڱو آهي.

(2) **برو حرص:** جهڙي طرح گناهہ ڪرڻ منع آهي انهيءَ طرح جي ڪمن جو حرص بہ ممنوع آهي. مثال طور برا ڪم، رشوت، چوري، بدنگاهي، فلمون ڊراما ڏسڻ، ڳائڻ وڄائڻ ٻُڌڻ، شراب پيئڻ، جوا

ڪيڏڻ، غيبت، تهمت، چغلي، گار ڏيڻ، بدگماني، ماڻهن جا عيب کولڻ وغيره پين گناهن جو حرص مذموم(يعني برو) آهي.

(3) **مباح حرص:** مباح جو مطلب آهي اهو عمل جنهن جو ڪرڻ نه ڪرڻ هڪ جهڙو هجي. البته جيڪڏهن اُن مباح ڪم ڪان پهريان چڱي نيت ڪئي وڃي ته پوءِ اهو مباح ڪم بہ ثواب جو ڪم بڻجي ويندو آهي. مباح حرص جا مثال هي آهن: کائڻ پيئڻ، سمهڻ، دولت گڏ ڪرڻ، سُني ۾ سُنو گهر نهرائڻ، نوان ڪپڙا پائڻ ۽ ٻيا ڪيترائي مباح ڪم آهن، جن جي ڪثرت جي خواهش مباح حرص آهي.

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو!** اسان کي صرف ۽ صرف انهن ڪمن جو حرص ڪرڻ گهرجي جن سان اسان کي دنيا ۽ آخرت جو نفعو حاصل ٿئي ۽ اهو نيڪين جي حرص ۾ ئي حاصل ٿي سگهي ٿو. جڏهن ته بري حرص ۾ سراسر نقصان آهي ڇوته هي اسان کي جهنم ۾ پهچائي سگهي ٿو ۽ مباح حرص (يعني جائز شين جي حرص) ۾ جيتوڻيڪ گناهه ناهي پر هي گناهن تائين پهچائي سگهي ٿو. جيئن جيڪو مال ڪمائڻ جو حريص ٿي ويندو آهي ته عام طور تي اهو حلال و حرام ذريعن جي بہ پرواهه نہ ڪندي مال جمع ڪرڻ ۾ لڳي ويندو آهي ۽ مال وڪڻڻ ۾ ڪوڙ، ڌوڪو، فريب وغيره ڪيئي طرح جي گناهن ۾ مبتلا ٿي ويندو آهي.

”جنتي زيور“ ۾ آهي: لالچ ۽ حِرص جو جذبو خوراڪ، لباس، گهر، سامان، دَولت، عِزّت، شُهرت مطلب ته هر نعمت ۾ ٿيندو آهي. جيڪڏهن لالچ جو جذبو ڪنهن انسان ۾ وڌي ويندو آهي ته اهو انسان طرح طرح جي بداخلاقين ۽ بي مُروّتي جي ڪمن ۾ پئجي

ويندو آهي ۽ وڏا وڏا گناهه ڪرڻ کان بہ ناهي مڙندو. بلڪ سچ پڇيو تہ حرص و طمع ۽ لالچ درحقيقت هزارين گناهن جو ذريعو آهي، هن کان الله پاڪ جي پناهہ گهرڻ گهرجي. (جنتي زيور ص 111، مڪتبة المدينه ڪراچي)

دولتِ کی حرص دل سے دور کر دے | عشقِ رسول دے دے، کر یہ دعا رہے ہیں
تکثیرِ مال و زر کی ہر گز نہیں تمنا | ہم مانگ آپ سے بس، غم آپ کا رہے ہیں

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اِهو ذهن ٻڌائي ڇڏيو تہ اسان کي صرف و صرف نيڪين جو حريص ٿيڻ کپي، نيڪيون صرف نيڪيون ڪرڻيون آهن. الله پاڪ جي سچي نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن ارشاد فرمايو: ان تي حرص ڪريو جيڪو توهان کي نفعو ڏي.

(مسلم،ص:2341، حديث4662)

حضرت علامہ شرفُ الدّين نَوَوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن حديثِ پاڪ جي شرح ۾ فرمائن ٿا: يعني الله پاڪ جي عبادت ۾ خوب حِرص ڪريو ۽ ان تي اِنعام جي لالچ رکو پر ان عبادت ۾ بہ پنهنجي ڪوشش تي ڀروسو ڪرڻ بدران الله پاڪ کان مدد گهرو. (شرح صحيح مسلم للنووي،جزء 21جلد8 ص512)

حضرت مفتي احمد يارخان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: خيال رهي تہ دنياوي شين ۾ قناعت ۽ صبر چڱو آهي پر آخرت جي شين ۾ حرص ۽ بي صبري اعليٰ آهي، دين جي ڪنهن درجي تي پهچي قناعت نہ ڪريو، اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪيو.(مراة المناجيح ج7 ص 211)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

# هڪ عجيب ۽ غريب قوم

منقول آهي تہ حضرتِ سَيِدُنا ذُوالقرنين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ قوم وٽان لنگهيا تہ ڏٺائون انهن وٽ دُنياوي سازو سامان نہ هو، انهن ڪوڙ قبرون کوٽي رکيون هيون، صبح جي وقت اتي جي صفائي ڪندا ۽ نماز ادا ڪندا هئا پوءِ صرف ڀاڄيون (سبزيون) کائي پيٽ ڀريندا هئا چوتہ اتي ڪو جانور ئي موجود ڪونہ هو جنهن جو اهي گوشت کائن ها. حضرتِ سَيِدُنا ذُوالقرنين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي انهن جي سادگي واري زندگي ڏسي وڏي حيرت ٿي، پوءِ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه انهن جي سردار کان پڇيو: مون توهان کي اهڙي حالت ۾ ڏٺو آهي جو جنهن تي ڪنهن ٻي قوم کي ناهي ڏٺو ان جو ڇا سبب آهي؟ توهان وٽ دنيا جي ڪا شيءِ ناهي ۽ توهان سون ۽ چاندي مان بہ نفعو نٿا ڪڍو! سردار چيو: اسان سون ۽ چاندي کي ان ڪري بُرو سمجهيو تہ جنهن وٽ ٿورو گهڻو سون يا چاندي ايندو آهي اهو ان جي پٺيان لڳي پوندو آهي. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پڇيو: توهان قبرون ڇو کوٽيون آهن؟ ۽ جڏهن صبح ٿيندي آهي تہ ان کي صاف ڪندا آهيو ۽ اتي نماز پڙهندا آهيو. چيائين: ان ڪري جو جيڪڏهن اسان کي دنيا جي ڪا حرص ۽ طمع ٿئي تہ قبرن کي ڏسي اسان ان کان پري رهون.

پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پڇيو: توهان جو کاڌو صرف زمين جي سبزي (Vegetable) ڇو آهي؟ توهان جانور ڇو نٿا پاليو تہ جيئن انهن جو کير (Milk) حاصل ڪريو، انهن تي سواري ڪريو ۽ انهن جو گوشت کائو؟ سردار چيو: ان سبزي مان اسان جو گذارو ٿي ويندو آهي ۽

انسان کي زندگي گذارڻ جي لاءِ ايتري ئي شيءِ ڪافي آهي ۽ هونئن به نڙي کان هيٺ پهچي سيئي شيون هڪ جهڙيون ٿي وينديون آهن، انهن جو ذائقو پيٽ ۾ محسوس ناهي ٿيندو.

حضرتِ سَيدُنا ذُو القرنين رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ ان جي دانائي واري گفتگو ٻڌي پيشڪش ڪئي ته: مون سان گڏ هلو، مان توهان کي پنهنجو صلاحڪار (Advisor) بڻائيندس ۽ پنهنجي دولت مان به حصو ڏيندس. پر ان معذرت ڪئي ته مان هن حال ۾ خوش آهيان ته پوءِ حضرتِ سَيدُنا ذُو القرنين رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ اتان کان روانا ٿي ويا. (تاريخ مدينه دمشق،ذکر من اسمه ذو القرنين،۱۷/ ۳۵۳تا۳۵۵ ، ملخصاً) **الله ربُّ العزت جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.**

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِين صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

نہ ہو عطا اس کو مال دولت | نہ دیجیئے عطار کو حکومت
یہ تیرا طالب ہے جانِ رحمت | نبی رحمت شفیعِ امت

## اسان جي حالتِ زار

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! دنيا سان دل و جان کان محبت هئڻ ۽ آخرت جي الفت ۾ ڪمي جي ڪري مسلمانن جو وڏو تعداد الله پاڪ ۽ ان جي رسولِ ڪريم جي ياد کان پري آهي، جڏهن ته گناهن ۽ فضوليات جي حرص ۾ خوش آهي. افسوس! اڄڪلهه نوجوان قطار ۾ لڳي مهانگي ٽڪيٽ خريد ڪري سڄي سڄي رات گناهن ڀريا پروگرام ڏسڻ لاءِ تيار آهن پر نماز ادا ڪرڻ جي ارادي سان ڪجهه منٽن جي لاءِ مسجد جو رخ ڪرڻ کان لنوائن ٿا، ڪيئي

ڪلاڪ ريموٽ هٿ ۾ پڪڙي فلمون ڊراما ڏسڻ جو وقت آهي پر رضاءِ الٰهي حاصل ڪرڻ، پنهنجي آخرت سنوارڻ ۽ علمِ دين سکڻ جي لاءِ راهِ خدا ۾ عاشقانِ رسول سان مدني قافلي ۾ سفر ڪرڻ جي لاءِ مختلف عُذر بيان ڪيا ويندا آهن. عشقِ مجازي ۾ واڌارو ڪرڻ وارا گندا ناول پڙهڻ جي لاءِ ڪيئي ڪلاڪ جو وقت آهي ۽ قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪرڻ تي دل ناهي ڪندو بلڪ سچي ڳالهه تہ اها آهي تہ صحيح قرآنِ ڪريم پڙهڻ ئي نتو اچي ۽ نہ سکڻ جو شوق آهي، برن دوستن جي گندي صحبت ۾ ڪلاڪن جا ڪلاڪ پنهنجو وقت برباد ڪرڻ جي لاءِ وقت آهي پر عاشقانِ رسول جي صحبت ۾ ويهي سنّتِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سکڻ جو شوق ناهي. ان کان پهريان جو موت اچي وڃي، باقي زندگي کي غنيمت سمجهندي يڪدم تمام گناهن کان سچي توبہ ڪري وٺو ۽ نيڪيون ڪرڻ ۾ لڳي وڃو.

وہ ہے عیش و عشرت کا کوئی محل بھی جہاں تاک میں ہر گھڑی ہو اجل بھی
بس اب اپنے اس جہل سے تو نکل بھی یہ جینے کا انداز اپنا بدل بھی
جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے
یہ عبرت کی جا ہے تماشا نہیں ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## نيڪين جو حرص وڌائڻ جو طريقو

**اي عاشقانِ رسول!** دولت ۽ عيش و عشرت اچڻ وڃڻ واري شيءِ آهي، نيڪين جو حرص ڪيو ۽ پنهنجو اِهو ذهن بنايو تہ مون وٽ

مال جي ڪثرت هجي يا نہ هجي نيڪين جي ضرور ڪثرت هجي. نيڪ ٻڄڻ ۾ نيڪين جو حرص پيدا ڪرڻ جي لاءِ الله وارن جا واقعا پڙهو:

## عبادت جو اعلي مثال

عظيم تابعي بزرگ حضرت سيدُنا صَفوان بن سُلَيم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي پيرن جون پيڏيون نماز ۾ گهڻي دير بيهڻ سبب سُڄي ويون هيون. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ايتري قدر ڪثرت سان عبادت ڪندا هئا جو جيڪڏهن سندن کي چيو وڃي ها تہ سڀاڻي قِيامت آهي تہ بہ پنهنجي عبادت ۾ ڪجهہ اِضافو نہ ڪري سگهن ها (يعني انهن وٽ عبادت ۾ اضافو ڪرڻ جي لاءِ وقت جي گنجائش ئي ڪانہ هئي). **جڏهن سياري جو موسم ايندو هو** تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه گهر جي ڇت تي سمهندا هئا تہ جيئن سردي کين جاڳائي رکي ۽ جڏهن **گرمين جو موسم** ايندو هو تہ ڪمري ۾ آرام ڪندا هئا تہ جيئن گرمي ۾ تڪليف سبب سمهي نہ سگهن. سجدي جي حالت ۾ ئي سندن اِنتقال ٿيو. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه دعا ڪندا هئا: ياالله! مان تنهنجي ملاقات کي پسند ڪيان ٿو تون بہ منهنجي ملاقات کي پسند فرماءِ. (اتحاف السادة المتقين،۱۳/۲۴۷، ۲۴۸) **الله ربُّ العزت جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.** اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## حرص جو علاج

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! عام طور تي مال ئي جي حرص جي خواهش هوندي آهي. ۽ ان حرص جي ڪري ٻيا ڪيئي طرح جا

حرص پيدا ٿيندا آهن. جيڪڏهن مال جي حرص کان پاڻ کي بچايو وڃي تہ اللّٰه پاڪ جي عبادت ڪرڻ، آرام و سڪون جي زندگي گذارڻ جي صورت بڻجي سگهي ٿي.

مال جي حرص جو سڀ کان وڏو علاج ”قناعت“ آهي. شيخ الحديث حضرت علامہ مولانا عبدالمصطفيٰ اعظمي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: هن قلبي مرض جو علاج”صبر و قناعت“ آهي يعني جيڪو ڪجهہ خدا پاڪ طرفان ٻانهي کي ملي اُن تي راضي ٿي خدا پاڪ جو شڪر بجا آڻي ۽ هن عقيدي تي جمي وڃي تہ انسان جڏهن ماءُ جي پيٽ ۾ هوندو آهي. انهيءَ وقت ملائڪ خدا جي حڪم سان انسان جون چار شيون لکي ڇڏيندو آهي. انسان جي عُمر، انسان جي روزي، انسان جي نيڪ نصيبي، انسان جي بدنصيبي، اهو ئي اِنسان جي تقدير ۾ لکيل آهي. پلي پٽ ڪي متو هٽو پر اِهو ئي ملندو جيڪو تقدير ۾ لکيو ويو آهي، نفس هيڏانهن هوڏانهن لامارا ڏئي تہ صبر ڪري نفس کي قابو ڪيو. انهيءَ طرح آهستہ آهستہ قناعت جو نور چمڪي پوندو ۽ حرص و لالچ کان جان ڇُٽي ويندي. (جنتي زيور ص11) حرص جو علاج ڪرڻ ۽ قناعت جي نعمت ماڻڻ ۾ ان جي فضيلت ڄاڻڻ جي لاءِ هن جي باري ۾ ڪجهہ مدني گل پڙهو ۽ حرص کان جان ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪيو:

## قناعت جي لغوي معنيٰ

اِڪتفاء ڪرڻ (يعني ڪافي سمجهڻ). صبر ڪرڻ. ٿوري شيءِ تي راضي رهڻ ۽ خوش رهڻ، جيڪو ملي انهيءَ تي گذارو ڪرڻ، زياده

طلبي ۽ حرص کان بچيو رهڻ قناعت چورائيندو آهي. ( فرهنگ آصفيه ج3 ص 400 مکتبه سنگِ ميل لاهور)

## قناعت جون ٻہ تعريفون

(1) خدا جي تقسيم تي راضي رهڻ قناعت چورائيندو آهي. (التعريفات للجرجاني ص 126، دارالمنار) (2) حضرت سيدنا محمد بن علي ترمذيرَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: قناعت هي آهي تہ انسان جي قسمت ۾ جيڪو رزق لکيل آهي ان تي سندس نفس راضي رهي. (الرسالة القشيرية ص 197، دارالکتب العلميه)

## "قناعت" جي پنج اکرن جي نسبت سان 5 فرامينِ مصطفيٰصَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

(1)الله پاڪ پرهيزگار، قناعت پسند ۽ گمنام ٻانهي کي پسند فرمائيندو آهي. (مُسلم شريف ص 1585، حديث:2965) (2) قَناعت ڪڏهن خَتم نہ ٿيندڙ خزانو آهي. (کتاب الزهد البيهقي،رقم 104ص٨٨، مؤ سسة الکتب القافيه) (3) ڪامياب ٿي ويو اهو شخص جنهن اِسلام آندو اُن کي بَقَدرِ ڪفايت (ضرورت مطابق) رزق ڏنو ويو ۽ الله پاڪ اُن کي جيڪو ڪجهہ ڏنو اُن تي قناعت بہ عطا ڪئي. (مسلم،کتاب الزکاة،باب في الکفاف والقناعة، ص425 حديث: 450) (4) مؤمنن ۾ بهترين شخص قناعت پسند ۽ بدترين لالچي هوندو آهي. (فردوس الاخبار ج 1 ص 563، حديث:7072، دارالفکر بيروت) (5) غني اهو ناهي جنهن وٽ گهڻو مال هجي، بلڪ غني تہ اهو آهي جنهن جو نفس غني هجي. (مسلم شريف ص 522، حديث:1051)

حرص ذلت بھری فقیری ہے        جو قناعت کرے، تو نگر ہے

## هڪ مانيءَ تي گذارو

حضرت ابراهيم بن ادهم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه خُراسان جي مالدار ماڻهن مان هو. هڪ ڏينهن پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي محل مان ٻاهر ڏسي رهيا هئا تہ هڪ شخص تي نظر پئي جنهن جي هٿ ۾ ماني جو هڪ ٽڪڙو هو جنهن کي اهو کائي رهيو هو، کائڻ کان پوءِ اهو سمهي رهيو. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ غلام کي فرمايو: "جڏهن اهو شخص بيدار ٿي تہ ان کي مون وٽ وٺي اچجو." جڏهن اهو شخص جاڳيو تہ غلام ان کي سندن وٽ وٺي آيو. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ان کي فرمايو: " اي انسان! ڇا ماني کائڻ مهل تون بکايل هُئين؟" ان عرض ڪيو: "جي ها!" پڇيائون: "ڇا هن ماني سان توکي ڍَوَ ٿي ويو؟" عرض ڪيائين: "جي ها!" پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وري سوال ڪيو: "ماني کائڻ کانپوءِ توکي سڪون جي ننڊ آئي؟" عرض ڪيائين: "جي ها!" ان جون اُهي ڳالهيون ٻڌي ڪري حضرت سيّدُنا ابراهيم بن ادهم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه دل ۾ سوچيو:"جڏهن هڪ ماني سان بہ گذارو ٿي سگهي ٿو تہ پوءِ مان ايتري دولت حاصل ڪري ڇا ڪندس!!" (احياء العلوم ج 4 ص 591، دار صادر بيروت)

**اللّٰه ربُّ العزت جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.** اٰمِيۡن بِجَاہِ النَّبِیِّ الۡاَمِیۡن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## قناعت جو حُصُول

حضرت سيدنا امام ابو حامد محمد بن محمد بن محمد غزالي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه قناعت جي نعمت ماڻڻ جو طريقو بيان ڪن ٿا جنهن جو خلاصو

ڪجهه هن طرح آهي: قناعت جو حُصُول ٽن شين تي موقوف آهي: (1) صبر (2) علم ۽ (3) عمل.

(1) پهرين شيءِ عمل آهي يعني معيشت ۾ مُعتَدِل انداز ۽ خرچ ۾ ڪَمي ڪي اختيار ڪرڻ، جيڪو شخص قناعت ۾ بزرگي چاهي ٿو ته اُن کي گهرجي ته خرچ ۾ ڪمي ڪري. حديثِ پاڪ ۾ ارشاد آهي: اَلتَّدْبِيْرُ نِصْفُ الْمَعِيشَةِ ترجمو: تدبير سان ڪم وٺڻ اڌ معيشت آهي.

(2) ٻي شيءِ خواهشون گهٽ رکڻ آهي ته جيئن اهو ڪنهن ٻِي حالت ۾ به ضرورت جي ڪري پريشان نه ٿئي.(3) ٽين شيءِ اها آهي ته هُو هن ڳالهه کي ڄاڻي ته قناعت ۾ عزّت آهي ۽ سوال ڪرڻ کان بچڻ آهي جڏهن ته حرص و لالچ ۾ ذلت ئي ذلت آهي، رڳو هن طرح غور وفڪر ڪندي هن(حرص) کان جان ڇڏايو. (احياءالعلوم جوخلاصو ص 265، مڪتبة المدينه ڪراچي)

دولتِ دنیا سے بے رغبت مجھے کردیجئے　　میری حاجت سے مجھے زائد نہ کرنا مالدار

## حرص جو هڪ ٻيو علاج

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو: دُعا مؤمن جو هٿيار آهي، حرص و طمع جي نحوست کان پيڇو ڇڏائڻ ۽ قناعت جي دولت ماڻڻ جي لاءِ بارگاهِ الٰهي ۾ روئي دعا گهرو.

## صرف قبر جي مٽي ئي سان پيٽ ڀربو

الله پاڪ جي سچي نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ حقيقت بنياد آهي: جيڪڏهن اِنسان جي لاءِ مال جون ٻه واديون هجن ته اهو ٽين وادي جي تمنّا ڪندو ۽ انسان جي پيٽ کي ته صرف مٽي ئي ڀري

سگھي ٿي ۽ جيڪو شخص توبہ ڪندو آھي اللہ پاڪ ان جي توبہ قبول فرمائيندو آھي.(مسلم شريف ص 522، حديث:1050)

سیٹھ جی کو فکر تھی اک اک کے دس کیجیے    موت آ پہنچی کہ مسٹر جان واپس کیجیے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## ڪنھن جا محتاج نہ ٿيو

عظيم تابعي بزرگ حضرت سيّدُنا محمد بن واسع رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه سُڪل مانيءَ کي پاڻي ۾ ٻوڙي آلو ڪري کائيندا ھئا ۽ فرمائيندا ھئا: جيڪو شخص ھن تي قناعت ڪندو آھي اھو ڪنھن جو محتاج ناھي ٿيندو. (احياء العلوم ج3 ص 298) اللّٰه ربُّ العزت جي انھن تي رحمت ھجي ۽ انھن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿئي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

امام غزالي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه لکن ٿا: عيش ڪجھ وقت جو آھي جيڪو گذري ويندو ۽ ڪجھ ڏينھَن ۾ حالت تبديل ٿي ويندي. پنھنجي زندگي ۾ قناعت اختيار ڪر، راضي رھندين ۽ پنھنجي خواھش ختم ڪر، آزادي سان زندگي گذاريندين، ڪيئي ڀيرا موت سون، ياقوت ۽ موتين جي سبب (ڌاڙيلن جي ذريعي) ايندو آھي. (احياء العلوم ج 3 ص 298)

ياد رکو! مشقت ٻنھي ۾ آھي، حرص ۾ بہ ۽ قناعت ۾ بہ، ھڪ جو نتيجو بربادي ٻيءَ جو نتيجو آبادي! توھان کي ڇا گھرجي؟ ھن جو فيصلو توھان کي ڪرڻو آھي. جيڪو قناعت ڪندو اِنْ شَآءَاللّٰه

خوشگوار زندگي گذاريندو. جنهن جي دل ۾ دنيا جو حرص جيترو وڌيڪ هوندو اوتري ئي زندگي بي مزا ٿي ويندي.

کان دھر کے سن! نہ بنا تم حریصِ مال و زر! کر قناعت اختیار اے بھائی تھوڑی رزق پر

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اقوال

(1) آرام سان زندگي گذارڻ چاهيو ٿا ته پنهنجي دل مان لالچ ڪڍي ڇڏيو.

(2) جيڪڏهن استاد صاحب قناعت پسند هوندو ته ان جا شاگرد به لالچ کان بچندا.

(3) پنهنجي غربت ۽ تنگدستي تي غور نه ڪيو، ڇوته هن ۾ غور ڪندي رهڻ سان توهان جي غم ۾ اضافو ۽ حرص ۾ زيادتي ٿيندي.

(4) لالچ ۽ حرص ڪي نه اپنايو جو توهان سيني کان نٽا وڌي سگهو.

(5) حرص ڪرڻ سان روزي ناهي وڌندي پر بانهي جي قيمت گهٽجي ويندي آهي.

(6) قناعت هڪ نعمت آهي ۽ قناعت کان وڌيڪ ڪا سلطنت ناهي.

(7) جيڪو ڪجھ تو وٽ آهي انهيءَ تي قناعت ڪر، زندگي سڪون سان گذرندي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

## نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ

هر جمعرات نمازِ مغرب کان بعد اوهان جي علائقي ۾ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ سُٺين سُٺين نيّتن سان سڄي رات شرڪت فرمايو. ❁ سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ۽ ❁ روزانو ”فڪرِ مدينه“ جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ذميدار ڪي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

**منهنجو مدني مقصد:** ”مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي“ اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پنهنجي اصلاح جي لاءِ ”مدني انعامات“ تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ ”مدني قافلن“ ۾ سفر ڪرڻو آهي. اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ







عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net